# "سُوريءَ سچ چڙهيو...."

۽ هو ٻاهر گم سم، چپ چاپ اچي ٽيچرس روم ۾ ويٺو. ڪيڏو زور سان ٻئي ڳالهايو ماسترن ۽ ماسترياڻين کن ڪڏهن لاءِ ته. هي آواز سچانند جي اندر ۾ فقط هڪ مٿل ڪانوَ مٿان ڪانگاري جيان ٿي وڃيا. پر جڏهن تي منهن مٿي ڪري سڀني ڳالهائيندڙن جي چهرن تي نظر ڦيرايائين، تڏهن ٿي کيس لڳو، ڪنهن غفا اندر اڪيلا بت زنده ٿي آيا آهن، جي راشٽرپتيءَ جي ڳاڙي ٻيان کي هڪ گيمس سمجهي ٻڌڻجي من جي ڳارن مان اُن جو سر ڪيڏي رهيا آهن.

راشٽرپتيءَ جي اها پڪار ته، "ملڪ جي آئيندي جو مدار ماسترن جي ڪلهن تي آهي." سچانند ماستر ڪلهوڪيءَ اخبار ۾ پڙهي چڪو هو. اڄ ٻئي ۾ رشيا ۽ آمريڪا جهڙي ماسترن جي ته ڳالهه نڪتي هئي. اوچتو هڪڙي ماستر چيو، "ڇو اڄ 'سچ' صاحب سائنس آهي؟"

هڪ ماسترياڻيءَ سريلي ڳلي سان چرچو ڪيو: "سچ کي سُوريءَ چاڙهيو ويو. مات رهيا مصور."

هن اِي خيالي چڪر اندر جا حقيقت سمايل هئي، اُنکي فقط سچانند ئي ڄاڻو ٿي. انڪري هڪ ڪڙي مرڪ سندس مک تي ڦهلي ۽ گم ٿي وئي.

سڀ ماستر ماسترياڻيون ڪنڌ جي ڏوڏ سان ٻـاٻرن جي ڪچاؤ سان هڪبئي کان هڏجي اوچتيءَ ماٺ جو سبب پڇڻ لڳـا. مٿان پنکي وڻان هڪ جهرڪي اُڏامي ۽ هوا جي مرغول مان ٻاهر نڪري وئي. گهنٽ لڳو، جو سچانند جي چاڙهيءَ اندر پڙاڏا پائي بند ٿي ويو ۽ ان سان گڏ پوري ٿـي وئي رسيس.

سڀ ماستر ماسترياڻيون پڙهڻ ڪلاسن ڏانهن هلڻ لڳا. سچانند به عادت انوسار اُٺي پڙهڻي ڪلاس ڏانهن هليو ويو. "هي ڪهڙو مـوه!" سچانند جي ميڻ جيـان وڃيل من به، آخرين لات ڦـڙڪي. هوُ چپ چاپ شاگردن جا مڏهن نڪيندو ميز وٽ اچڻو رهيو. سڀ شاگرد انــدر اچي چڪا هئا. ڪجهه ڪڏن لاءِ ماٺ ڇانئجي وئي ۽ پوءِ بي آرامي ڦهلجڻ لڳي. آخر هڪڙي شاگرد اُٿي چيو، "سائين، سائنس جا ٽي باب، ٿي پيرا لکي اچڻ لاءِ مليا آهن، تاريخ اَج نه پاڙهيو."

سوال هڪڙي شاگرد ڪيو هو، پـر گهر گهڻن ئي جي مڏهن لـي چانيل هئي. سچانند جي چپن مان قتل ڪل جو ڪجهه حصو ٻاهر نڪتو ۽ ڪڏن سان اجازت ڏئي پيئو رهيو، ٻانهون اڏي چپ

ڇاپ. سندس من ۾ دهرائجي رهيو هو ڪالهوڪي تاريخ جو پيريڊ. هن ٽي ڪلاس ۾ ڏنو هو اهو پيريڊ...

سمجهائيندي چيو هو، ”اڳئين واري ٽي جيڪي انگلنڊ جي ڪلن، ڪپڙي، لٽي، لوهي ليمپ وغيره جون ڪوجنائون پڙهيون هيون، انهن سڀني جي ڪري ملڪ ۾ ڪلون ۽ ڪارخانا وڌي ويا. جنهن ناهڙ جي هنر ۾ ڦيرو اچي ويو. جيئن هٿ سان نه مشين ذريعي ٺهڻ لڳيون. جهڙوڪر گهڙيون ۽ سٽيون ٺهيون...“

هڪ ذهين ڇوڪر اٿي پڇيو هو، ”مگر سر! هندستان ۾ نه ملين ۽ ڪارخانن کلڻ ڪانپوءِ سڀ شيون مهانگيون ٿيون آهن...“

”ها، سر!“ هڪ ڇوڪريءَ اٿي چيو، ”منهنجي ماءُ چوندي آهي اڳي سوا رپئي سير سچو گيهه ملندو هو ۽ جنهن آني سير اڪين ڏسو سچو کير ملندو هو. هوءَ اسڪول کان پڙهندي هئي، ته به ڪيس اڌ سير کير روز پيئڻ لاءِ ملندو هو...“

پوئين قطار ۾ ڪنهن ڇيڙ ڪئي هئي، ”چه چه... ويچاريءَ کي کير نه ڪونه ملي.“

سڀني شاگردن کان دليل ٺهڪ نڪري ويو. سمجهائيندي چيو، ”مان اهي شيون نه ٿو چوان، مان ڳالهه ٿو ڪريان ڪپڙي گنديءَ ۽ ڪلن ڪارخانن ۾ ٺهيل

شين جي. مثلا ٻڌو ٿي هيو. ڪتاب سستا ٿيا، انڪري
علم وڌيو......“

هوشيار ڇوڪري ڊنيل سيڪارو ڀري پڇا ۾ چيو،
”اسانکي ته ڪتاب ڏاڍا مهانگا ٿا لڳن.“

ماستر ڳالهه ٻڌي ورتي. دهرائي چيائين، ”شيون
توهان کي مهانگيون ٿيون ملن، ڇو ته جنهن هٿن ۾
ڪلون ڪارخانا آهن ۽ شين تيار ڪرڻ جي مالڪي
آهي، سي انهن تي ڳرو نفعو رکي جلدي جلدي ۽
وڌيڪ وڌيڪ شاهوڪار ٿيڻ ٿا چاهين...“

”ته سرڪار ڇو ڪين ٿي انهن تي ضابطو رکي.“
ڪلاس جي مانيٽر اٿي پڇيو هو.
”جيڪو سوال تون تو پڇين، اهو سوال انگلنڊ جي
پورهيتن جي من ۾ به اٿيو هو، ڇو ته سڀني هٿن جي
محنت سان شيون جڙيون ٿي، پر سڀني ٻارن کي
نصيب نٿي ٿيون.

هي ۽ حالت جرمني، فرانس، روس وغيره ۾ به
هئي. پورهيت وڌيڪ غريب ۽ مالڪ وڃا ٿي وڌيڪ
شاهوڪار ٿيندا... نيٺ پورهيتن سرڪار کان مالڪن
نفعي مٿان ضابطو رکڻ جي گهر ڪئي ۽ هڪڙو نئون
سرشتو پيدا ٿيو، جنهنکي چيو ويو سامواد. جنهنجو
مت آهي ته ڪلون، ڪارخانا، ڏنڊا ڏاريون، ڪمائي ۽
جا سڀ ذريعا سرڪار پنهنجي هٿ ۾ ڪڻي ۽ ماڻهن
جي اُٿي، لٿي، اُجهي، علم، علاج وغيره لاءِ ذميوار

رهي." ان وقت اوچتو ڪلاس ۾ اڳي ڪان وڌيڪ چهچٻاٽ لڳي ويئي هئي ۽ ٻارن جا آواز جهڪا ۽ ڌيمل ٿيڻ ۾ آيا هئا... "هيڊ ماستر... هيڊ ماستر..."

سچانند ڪلهوڪي اثر هيٺ ڇرڪ ڀري در طرف نظر ڪئي پر اتي هيڊ ماستر ڪونه هو. فقط ٻاهر ٻوڇيءَ لٿل پٽ جو بدنما نظارو اسڪول جي سفيدي ظاهر ڪري رهيو هو. سچانند جي ذهن ۾ هي سڀ ڪلهوڪا واقعا هڪ ڪن ۾ گهمي ويا. هو ميز پٺيان ڦري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو.

شاگرد سڀ سائنس لکڻ ۾ مشغول هئا، ڪن اٻاسيون ٿي ڏنيون ۽ سچانند جي من ۾ وري ٿي دهرائجي رهيو هو ڪلهوڪي حالت جو باب... هيڊ ماستر ڪيس پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڏيئي اچي پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو ۽ گنهگار ٻار جيان ڪيس اڳيان بيهاري پڇڻ لڳو هو، "مون ته توهان کي شروع ۾ ئي چيو هو ته پنهنجا ساميوادي خيال پاڻ وٽ رکجو، ٻارن جي ڪچڙين دلين تي پنهنجا اثر نه وجهجو ليڪن توهين..."

سچانند جي نراڙي ۾ گهنج پئجي ويو هو، مڪمتا سان چيو هئائين، "مون ته فقط تاريخ ئي پڙهائي آهي، پنهنجا خيال ٻارن تي مڙهڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي آهي..."

هيڊ ماستر تيز ٿي چيو هو، "هينئر ئي ته توهان جو سڄو ليڪچر دريءَ وٽ بيٺي رهيو هوس، هٿ

جي ڪنگڻ ڪري آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت......"

سچانند ڌيرج سان چيو هو، "مگر اهو نه سڀ تاريخ جي ڪتاب منجهان ئي پڙهائي رهيو هوس..."

هيڊ ماستر منهن تي ٿهر ۽ آواز ۾ ترشي آڻي چيو، "ڪي ٻيون به شڪايتون مون وٽ پهتل آهن. توهين ڇوڪرن کي سڀني ڌاڳن پائڻ کان منع ٿا ڪريو. ڪنهن جي وشواسن سان هٿ چراند ڪرڻ، اسڪول جو ڪم ته ناهي؟"

سچانند کي هن طرح ٻڌيءَ جي وڪاس کي ٻڌا ڏيڻ تي منيان ته ڏاڍي لڳي هئي، پوءِ به صبر ڌاري چيو هئائين، "مون ته ڪنهن جي وشواسن سان هٿ چراند نه ڪئي آهي. شايد نيٺي سڪيا جي پيرڊ ۾ ٻارن جي من کي سندس ڌرمن جي نبلتا کان بچائڻ لاءِ ڪڍڻ لئه ڪٿي چيو هوندم ته سڀني ڌاڳن سان بيماريون ڪونه لهنديون آهن. باقي مون ڪنهن جا سڀ ڌاڳا ڪٽي ته ڪونه ڦٽا ڪيا آهن..."

هيڊ ماستر خدڪيءَ سان ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏنو هو ۽ يڪدم ٻيو پاڙو اڇليو هو، "ليڪن ڇوڪرن کي ڪلاس ۾ ٽنگيل مورتن تي هار ۽ گل چاڙهڻ يا انهن اڳيان اگربتيون ٻارڻ کان منع ڪئي اٿوَ، ان ڳالهه کان ته انڪاري نه ٿي سگهندا؟"

سچانند هي وار سهي نه سگهيو هو. تيزي پرچي وئي هئي سندس آواز ۾. چيائين، "ڪوڙ ٿيون

ڏاڍيون اهي ڇوڪريون."

هيڊ ماستر جي اوشواسي نظر وڌي، گهري ۽ فيصلي-
ڪن ٽڪجي پيئي.

سچانند ڪڙي منهن سان چيو هو، "توهانکي خبر آهي ته انهيءَ ڪلاس جون ڇوڪريون ڇاهي ڇوڪرا ڪهڙا آهن؟ ٿالي نه ٻڌي آهي انهيءَ ڪلاس ۾، مگر پهرئين نمبر کان وٺندي پڇاڙيءَ واري نمبر تائين، هرهڪ شاگرد ٽوميدل ۾ ڪاٻي ڪٽي آهي. مون نيٺي سکيا جي پيريڊ ۾ هرهڪ کان سچي ڪرائي ڏٺـي هئي ۽ پوءِ پڇيو هو مان ته "ڇالاءِ هدن ڪرشن ۽ رام ۽ نانڪ ۽ ميران جي مورتن جي پوڄا ڪندا آهيو؟ سڀدن ليز اکيون اڙهنکي امتحان ۾ ٺڳي ڪرڻ مهل گهو رهنديون ناهن؟ ٻاقي گـل چاڙهي، اگرٽتيون ٻاري توهان کين ڪهڙي عزت ڏني؟"

"مگر سچانند صاحب، اسانکي پنهنجا اسڪول هلائڻا آهن، ٻند ڪونه ڪرڻا آهن. ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن ۾ سچ رهيو ڪٿي آهي جو انهنکي ايڏا پرپوڙ ڏجن؟"

سچانند جون اکيون ڦاٽي وڃڻ. سڀدس من اندر ڦاٽي ڪوئل روئڻ ڪرڻ لڳي: سچو! هِهڙن خانگي اسڪولن جي ٻانيڪارن جو انسان جي آتميءَ ۾ ڪوئي وشواس نه رهيو آهي. هدن مان آئيندي لاءِ ڪائـــي اميد نه رکو..."

سچانند در طرف منهن ڦيرايو ۽ قدم وڌائڻ لي هو،

ڪي ليل ٻڌائي اوسط جا خيال نه ڪيا هئا. ڪڏهن
انهن نه سوچيو هئائين ته ٻڌ جي مورتيءَ جيان تراشيل
ڪيئين بت ڪلاس ۾ وينل آهن، جن ۾ ٻڌ جي آتما
جو پرڪاش پرتو آهي.

انسنا ...... انسنا - رالين جي اوچاڳن سان ڪيل
انسنا، جڏهن ٻارن جي ڪنن ۾ ٻوليندا هئا، تڏهن
سندن اکڙيون ٻٽڪي پونديون هيون ڏياڙيون ۽ سچانند
انهن ڏياڙين ۾ ڪو شيڪسپيئر، ڪو گرديو، ڪو گورڪي
ڪو مهاتما، ڪو مارڪس وينل ڏسي سگهندو هو...

انهن سڀني ڳالهين ڪان اڻانهون هو معصوم،
خالص قرب. ڪڏهن گلاب جا گل، ڪڏهن شرڌا پريون
نهارون سچانند جي هردي جو پريم ساگر پري ڇلڪائي
وجهنديون هيون. ان مهل ڪلاس ميرا ڪدا پينچ،
اپوڳيون ديوارون، مٽيءَ هاٺو فرش، شرامتيءَ جي
توري ٻگهار ٻاڪ ڪت پٽ، سڀ وسري ويندا هئا
۽ جلي ويندا هئا، ڪنهن ڪارڻ جي لڳن واريءَ آگ.
۽ سڀ اڻپورا ارمان...

صبح صبح اسڪول اچڻ مهل سچانند هيڊماستر
جي اوشواس ڪري ٻڌڻ جيءَ تان انهن چنبي ڦٽو
ڪيو، جنهن ٻيچاري جا اڌارل ڪپهه جا ذرڙا چنبي
ڦٽا ڪجن. پڙهيل طبقي جي، سچ ڏانهن مائل سمجهه
۾، سندس پورن پروسو هو. "مان ڪائي غلطي ته
ڪري ٿي ته رهيو آهيان. آزاد هندستان جي مهل ۾

رهڻ لائق عادتون ٿــي ته سيکاري رهيو آهيان پاڻ کي." ساڳي ڳالهه سوچيندي هيڊ ماستر سچانند جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. پر مرداڻي جگر سان ڳوڙها پي ويو. انهيءَ آزاد هندستان کي ڏسڻ لاءِ ٿــي ته سندس پٽ ڪاليج ڇڏي جيل ويو هو ۽ من ۾ پڪو نشچو ڪيو هئائين ته جــڏهن هندستان آزاد ٿيندو تـڏهن هو پـروفيسر بڻجي ملڪ جي جوانن کي ملڪ لاءِ مرڻ سيکاريندو. پروفيسر نه ته ماستر ٿي سهين. ملڪ جي محبت ته شاگردن ۾ ٿي جاڳائڻي هئي ۽ ٻين مترن جي اندر ۾ اِها ته آگـــ دٻيل هئي. ليڪن هي ڇا ٿي رهيو هو؟ پنهنجي ئي باغ کي پـاڻي ڏيندي مالهيءَ کـي گنهگار سمجهيو ٿي ويو. ڪٿي ضرور ڪا غلطي آهي؟..."

۽ ان مهل جـــڏهن هيڊ ماستر کيس آفيس ۾ گهرايو هو تڏهن سوچيو هئائين، ڇوندس وڏي هيڊ ماستر کي ته "ڪئين هندستان جي عمارت اڏيندڙ هن پورهيت جي هٿ ۾ آهن، هي شاگرد - روڙي سرون. توهين وشواس رکو ته ..." مگر اڄ ڪجهه سوچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪلارڪ سندس هٿ ۾ هڪ پنو پڪڙائي ڇڏيو هو. پڙهندي ئـي پني کي پيٺو ڇوڪرو ڪري کيسي ۾ وجهي ڇڏيو هئائين...

هيڊ ماستر تاريخ جي پيريڊ ۾، سائنس لکندڙ شاگردن جـي سامهون وڃي، سچانند جـي من ۾ جو ڪجهه

جلي رهيو هو، سو هو اسڪول جي شاگردن لاءِ موهه ۽ ملڪ جي آئيندي جي لڳن. مگر سندس وشواس جا ٻار ٻٽر ٿي سڙجي چڪا هئا ۽ هو مجبور ڪرشن-ٻنا وسديو جيان چپ چاپ ڪڙو هو.

پيرڊ پوري ٿيڻ ۾ باقي ٥ منٽ مس وڃي بچيا هئا. ڪلاس جا ٻار سائنس جا باب لکي چڪا هئا يا نه. مگر ڪڪ ضرور ٿي پيا هئا. هڪڙي شاگرد اٿي چيو، ”سائين، لکي لکي هٿ ٿا سُور ڪن، هاڻي ڪي ملڪ جون تازيون خبرون ٻڌايو...“

ماستر ڪرسيءَ تان اٿي ڇوڪرن ڇوڪرين جي مکڙن تي نظر ڦيرائيندو ڪلاس جي دروازي ڏانهن پهچي ويو ۽ هٿ جوڙي مرڪندڙ منهن سان ٻُٽڪيائين: ”تازي خبر اها آهي ته اڄ کانپوءِ تازن خبرن ٻڌائڻ لاءِ مان اسڪول ۾ موجود نه هوندس...“

”سر...“ شاگردن جي هڪ ئي آواز ۾ ڪيل رڙ سوريءَ چڙهيل سچ کي سرهو ڪري ڇڏيو. ●

(١٩٦٥)